SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXVI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LXVI OF 1984

# سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH ORPHANAGES (SUPERVISION AND CONTROL) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1976 جي سنڌ ايڪٽ جي ترميم

Amendment of Sindh Act 1976

3. 1976 جي سنڌ ايڪٽ جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Sindh Act 1976

4. 1976 جي سنڌ ايڪٽ جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of Section 4 of Sindh Act 1976

5. 1976 جي سنڌ ايڪٽ جي دفعہ 17 جي ترميم

Amendment of Section 17 of Sindh Act 1976

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXVI مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LXVI OF 1984

# سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH ORPHANAGES (SUPERVISION AND CONTROL) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1976 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1976 ۾ ڪجھہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1976 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووينزنل

ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1976 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، سموري ايڪٽ ۾ سواءِ دفعات 27 ۽ 28 جي، لفظ "يتيم خاني" ۽ لفظ "يتيم خانا" ۽ لفظن "هڪ تيم خانو" جتي بہ اچن، انهن کي لفظ "دارالاطفال" ۽ لفظن "هڪ دارالاطفال" سان ترتيبوار تبديل ڪيو ويندو.

1976 جي سنڌ ايڪٽ جي ترميم

Amendment of Sindh Act 1976

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 2 ۾:

(i) شق (d) کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(dd) "دارالاطفال" مطلب هڪ هنڌ يا ادارو جيڪو يتيم حاصل ڪرڻ، سنڀالڻ ۽ سار سنڀال ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندو."؛

(ii) شق (k) ختم ڪئي ويندي.

1976 جي سنڌ ايڪٽ جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Sindh Act 1976

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 4 ۾، ذيلي دفعہ (3) جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل

1976 جي سنڌ ايڪٽ جي دفعہ 4 جي ترميم

ڪيو ويندو:

Amendment of Section 4 of Sindh Act 1976

“بشرطيڪ وڏيڪ اهو تہ ڪو بہ ميمبر ٻڌڻ جي موقعي ڏيڻ کانسواءِ نہ هٽايو ويندو.”.

1976 جي سنڌ ايڪٽ جي دفعہ 17 جي ترميم

Amendment of Section 17 of Sindh Act 1976

5. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 17 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

“بشرطيڪ ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين اپيل ڪندڙ کي ٻڌڻ جو موقعو نہ فراهم ڪيو وڃي.”.

**نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**